چڪر چوراسيءَ جو

(شاعري)

ـ ڪي. ٽي. دادلاڻي

چڪر چوراسيءَ جو

(شاعري)

- ڪي. ٽي. دادلاڻي

مُنهنجي طرفان

توهان جي سامهوُن سنڌي غزلن، گيتن، نئين ڪوتائن ۽ ڇڇنن جو مجموعو پيش ڪرڻ ۾ مونکي بيحد خوشيءَ جو اَحساس ٿي رهيو آهي. اُميد اَٿم تہ توهان دل سان پڙهي ڪري مونکي پنهنجن راين سان واقف ڪرائيندا جيئن مان پنهنجي ادبي سفر ۾ هميشہ گتيمان ٿي سَگهان.

مُنهنجي ذهن ۾ سَنہ 1983 جو اهو ڏينهن هميشہ اَنڪِت رَهندو جڏهن اَسانجي سدا حيات برک ساهتيڪار ڪيئلداس بيگواڻي 'فاني'، سينٽرل هندي ڊائريڪٽريٽ، نئي دهليءَ طرفان ناگپور ۾ آيوجت هڪ هفتي جي Workshop for Poets ۾ مونکي ۽ مُنهنجي ٻِن جِگري دوستن ناري لچواڻي ۽ پرسي ناٿاڻيءَ کي ان ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪرائي. اهو ورڪشاپ اسانجي لاءِ ميل جو پٿر بڻيو، جنهن ۾ اَسانجا ٽيچرس هئا سدا حيات هرومل سدارنگاڻي، اَرجن شاد، ڪيئلداس بيگواڻي 'فاني' ۽ برک ساهتيڪار آنند کيماڻي. اَسان ٽنهي دوستن لاءِ اِهو ورڪشاپ ڏاڍو نفيس بڻي پيو. سيني ٽيچِرس جو آزمودو، پيار ۽ سيکارڻ جي ڪلا سان شاعريءَ ۾ اَسان ڏڏن کي بہ شاعراڻي اِسم سان نہ صرف واقف ڪرايو بلڪ لکڻ جو شونق جاڳايو. سَتَ ڏِينهَن ڪيئن گذري ويا پتو ئي نہ پيو.

ورڪشاپ ختم ٿيڻ کان پوءِ رچنائون لکڻ ۽ دوستن کي ٻُڌائڻ شروع ٿيو ۽ اَنيڪ سنڌي، هِندي مشاعرن ۾ رچنائون پيش ڪرڻ جو موقعو مليو. مُنهنجو سانسڪرتڪ ڪاريڪرمن ۾ پڻ

hakkar Chorasia Jo
oetry)

013

K.T. Dadlani
70, Comfort Greens,
Near New Central Jail,
Karond Bye Pass Road,
Bhopal-462038

Mob: 09425602076

Price: ₹160/-

pe Setting:

Bhagwan Babani,
B-14, Lakecity Enclave,
Sant Hirdaram Nagar,
Bhopal- 462030
Mob: 09893397340

nter: Shri Shradha Offset Printers
Zone-1, M.P. Nagar,
Bhopal-462011

چڪر چوراسيءَ جو
(شاعري)
2013

ـ ڪي. ٽي. دادلاڻي
70، ڪمفرٽ گرينس،
نئين سينٽرل جيل ڀرسان.
ڪروند باءِ پاس روڊ، ڀوپال ـ 462038
موبائيل : 09425602076

قيمت : -/160₹

ٽائيپ سيٽنگ: ڀڳوان ٻاٻاڻي،
بي ـ 14، ليڪ سِٽي
سنت هِردارام نگر، ڀوپال
موبائيل: 09893397340

پرنٽر: شري شردا فوٽوآفسيٽ پرنٽرس.
زون ـ 1، ايم. پي. نگر.
ڀوپال ـ 462011

Published with financial help of National Council for Promotion of Sindhi Language (NCPSL), New Delhi

ساهتيڪ سفر شروع ته گھڻو اڳ ٿيو هو پر ڪتاب جي روپ ۾ توهان سامهون اچڻ ۾ ڪافي وقت اِنڪري لڳو جو جيون جوُن اَنيڪ جوابدارين کي نڀائڻ پڻ تمام ضروري هو. خاص طور سان منهنجي ٽِن ٻالڪن هڪ پيارو پٽڙو ۽ ٻه پياريون پٽڙيون، جنکي ماڳ تي پهچائڻ جا مارگ ڏَسڻ ۽ پنهنجي پياري سنسٿا اسٽيٽ بئنڪ آف اِنڊيا ۾ آفيسر جي پد کي نڀائڻ. اِيشور جي آسيِس سان ٻارن جي اِڇا اَنوسار ڪاريه سڦلا ٿيا ۽ مان ٻه بئنڪ جي سيوا پوُري ڪري آرامي ٿيس ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ جو ماقول موقعو نصيب ٿيو آهي جو توهانجي نذر آهي.

هن مجموئي کي ڇاپائڻ واسطي منهنجي عزيز دوست پِيگوان ٻاٻاڻيءَ جو سهيوگ سدا ياد رَهندو.

مان پنهنجي گهر جي سهيوگ کي ڪيئن ڀُلائي سگهندس ڀلا. خاص طور سان پنهنجي پتني شانتا ۽ ٻارن راجيش، ڪويتا ۽ گيتا کي جن جي سامهوُن سڀ کان پهرين پنهنجوُن رچنائوُن پڙهندو هوس ۽ سي بدلاو لاءِ پڻ رايا ڏيندا هئا. منهنجي ڌيءُ ڪويتا دادلاڻي شاديءَ کان پوءِ ڪويتا سُکيجا کي پڻ سنڌي اَدَب سان شونق آهي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو 'مُنهنجو پيِگوان' 2004 ۾ شايع ٿي چڪو آهي، جيڪو توهان پڙهيو هوندو.

رچنائوُن ڪندي مون ڪنهن خاص فلسفي کي ڌيان ۾ نه رکيو آهي. رومانٽڪ، پاريوارڪ، اڌياتمڪ، ساماجڪ، يٿارٿ جيڪو محسوس ڪيو انهن کي غزلن، گيتن، ڇڳنن ۽ نئين ڪويتا

ڪافي لاڙو رهيو آهي ۽ ڪاريڪرمن جي اينڪرنگ ۾ ٻہ مُنهنجي لِکيل رچنائن چار چنڊ جَڙيا. سانسڪرتڪ ڪاريڪرمن ۾ اَسانجو هدايتڪار رهيو نامور سنڌي ڊائريڪٽر اَشوڪ ٻُولاڻي ۽ ليکڪ منهنجو اسڪولي اُستاد پرنسيپال ڪي. وي. ٻيگواڻي.

مسٽر ٻنسي کوٻچانداڻي، مُمبئي جيڪي سنڌيءَ جا ٻرک ساهتيڪار، ڪهاڻِيڪار ۽ آلوچڪ پڻ آهن، تن جي پوسٽنگ بئنڪ آف اِنڊيا، ڀوپال جي ريجنل آفيس ۾99_1998 ۾ هئي ان وقت منهنجي پوسٽنگ پڻ ڀوپال ۾ هئي. اُن وقت سنڌي اَدبي سرگرميوُن ڀوپال ۾ سهڻي نموُني هلي رهيوُن هيوُن. تنهن سمي ڀوپال ۾ سنڌي ساهتڪ گڏجاڻيوُن هر مهني ڪنهن اَديب جي گهر واري واري سان رکيوُن ويندِيوُن هيون. گڏجاڻين ۾ ٻرک ساهتڪار، نَوان ۽ اُڀرندڙ شامل ٿيندا هئا. جنهن ۾ ٻنسي کوُٻچنداڻي، مهيش نينواڻي، ناري لڇواڻي، ٻلو چوئٿاڻي، پرسو ناٿاڻي، پرسرام واڌواڻي، ڀڳوان ٻاٻاڻي، نند ڪمار سنمُکاڻيءَ سان گڏ مونکي پڻ شريڪ ٿيڻ جو سوڀاڳيہ مليو جنهن ۾ هرهڪ رچناڪار کي پنهنجي نئين رچنا جو پاٺ ڪرڻ بعد انهن تي ٽيڪا ڪرڻ سان رچنا ۾ نکار اچي ويندو هو. اهو سِلسِلو ڪافي ڏينهن هليو ۽ سِلسِلي ٽُٽَڻ ۾ ڏوهہ ڪنهنجو نہ قدرتي سببن جي ڪري اهو سُهڻو ادبي سلسلو ٽٽي پيو. سُک! مٿين شاعرن ۾ اجان تائين پنهنجي اَدَب لاءِ بيحد پيار آهي. توهان سندن اَدَب سان واقف ٿيندا رهندا هوُندا.

غزل

چو هلي آيس ڪٽي مان ڳَڏُ غـمَـن جو قافلو
ويو اَڏوُرو آهي رَهجي، پيارَ جو ئي سِلسِلو

تُنهنجو آنچل نينهَن وارو مون مَـٿان هو مَـهربان
ڪهڙو ڏِنگو واءُ آيو جو مَچي ويو ٿـَرٿـِلو

ڪلهہ هُئا جي دوست مُنهنجا ڇو بڻيا دُشمَن اَلا
ڪَنهِن ڪَيو هِي ظُلم قَهري، جَڻ اَچي ويو زِلزِلو

لِڪيلُ آ هر ساهَہ تي تُنهنجو ئي بس نالو مِٺي
پيارو تُنهنجو ڳوٺُ ننڍڙو، تعلُقو هَر هِڪُ ضلعو

مَـمتا ءِ سِڪَ سان سَدائِين تو لَڳايو جانِ سان
ماءُ جي ٿَجُ لاءِ سِڪان ٿو، ٿي پِـيُس مانِ بانولو

چوٽَ گَـهري آهي ڪاڏي ڪِئَن وِساريندُس ڀَلا
زَخم ڀَـل آهي پُـراڻو، پَرَ اَجان آهي گـِلو

پُختو ٿِيندو پَـڪَ اَٿَم هِي پاڪ رِشتو پريت جو
ڀَلِ ڪَيو آ وقتَ ظالِمَ، سِڪَ جو بـنڌن گهرگهلو

جي روُپ ۾ اظهار ڪرڻ جي ايِماندار ڪوشش ڪئي آهي.
پنهنجي ڳالهه چوڻ ۾ مان ڪيستائين ڪامياب ٿيو آهيان اهو تہ
توهان ئي مونکي ڏَسِندا. ڏَسيندا نہ؟

–ڪي. ٽي. دادلاڻي

غزل

پنهنجو ٻڌجي ڳڏجي هرڪو ٻڌجي پيو حبيب
وقت ڏکايو جڏهين جڏهين نِڪري پيو رَقِيب

جانِ بہ گهوربَم جن مَٿان سَڀُ ڪُجهہ ٿي ويو سواہ
ڪرڻ ڪِنارو بہ لڳا ڇو سَڀُ سَمجهي مونکي غرِيب

دِل ۾ ڪُجُ ڄِپ تي ڪُجُ ڪنهنجي ڪيان سُڃاڻ
رَنگِين نِرالي دُنيا ۾ آهي گهڻي عَجِيب

جيِوَن جي تَپِش ڏِيندي مُحب ۾ آ ڪڏي ڄمارَ
ڪنهنکي کهڙي معيار ڏِيان غَمُ مُنهنجو نَصِيب

هَلندي هَلندي واتَ اَٽانگي وِڇڙي ٻٽي لَڪيرَ
دوُر هَلي ويئي زِندگي موت بہ نہ ٿيو قَرِيب

غزل

دل اَندر ڊَپَ گهر ڪيو موسم ٿيو بدگمان
پنهنجن ڪيو ڊوهُہ آ ڏارين ڇا ڏوهہ ڏيان

اکڙيون اِنتظار ۾ ڇڻ ٻٽجي پٿر پيون
توُن نہَ آئين نڪو نياپو مان پيو رَتُ رُئان

ٿي رُئي ڏاڍو رَڙي گُم آهي تو منجھ
مان اَٽاسي دل اُها ڪيڏانهن ڪٽي وڃان

خالُ ٿو وَڏندو وَڃي جِسمُ هِٽِ ۽ جان هُتي
پاڙ ئي پَٽجي وئي اُسري پِلا ڪيئن سَگهان

اَمڙ جو آنچل ڇَڏي دَر بدَر ٿيو آهيان
ٿَپَت اُس جي آ تِکي اَڄُ تائين پيو ٿو سَهان

سَڏَ پيا سُڏڪا پَرين موٽي اَچِي مليا موُن
حالُ ڪنهن سان اوربان مان ڪيئن ماڳہ تي رَسان

غزل

ويڳاڻن جيان جِئان ٿو مان گهر ۾
ڏُک ڪنهن سان رُئان پنهنجا پَر ۾

صُبحُ بہِ چو ٿو لڳي ڪارو
جيِوَن جو سِجُ لَٿو آ اوير ۾

غم بہِ عزيز مُنهنجا ايڏا بڻيا
اَکيون پُسيَل چو سُهڻي منظر ۾

مَن جو ويساهُ پيو آ ڪيئن ڏُري
رَهندو آ سَدائين ٻُڏُ تَر ۾

تارازيءَ ۾ تُرن ٿا سڀ رِشتا
ساهُ سيني جو ڦاٿو آ زرَ ۾

لِنوَ لائي هاريو سَڀُ جِن تي
بڻيا سي سَڀُ ڪُتل اوڏر ۾

زِندگي آهي تہ مُٺ ۾ واري جِئن
ڪيئَن ايندي اِنسانَ جي ڀاڪُر ۾

غزل

ڪوڙو سَچُ پرگهٽ ٿي پيو
هاڻ وڏو جهَنجهٽُ ٿي پيو

پڙهيو آهي اِنسان گهٽو
پڙهي پڙهي جَٽُ ٿي پيو

اَمَن لءِ تَہ اوزار بڻيا
سارو جَڳ مَرگهَٽُ ٿي پيو

وِڻنو آ هر تاريءَ اُلوُ
پاڻَ ئي پَنهنجو مَٽُ ٿي پيو

ڇُڪَ ئي ڪئيسين ڪُليو ڇڏي
ڦُرڙيءَ مان ڏِسُ ڦَٽُ ٿي پيو

سِتَم جَهان جا سَهَندي گهڻا
چالاڪُ بہِ چَريَٽُ ٿي پيو

ڏسڻ ٽِيو
آئينو ~~ٽڪاري~~ عَجَب ~~ٻٽو~~
باهِ بَري پَنيَٽُ ٿي پيو

جت جت وَسيا سنڌي وَجي
سونو سارو پَٽُ ٿي پيو

غزل

اَڄ خوشي ۾ غمَ جو ريگستان ٻڻي توکان سواءِ
مُنهِنجا دِلبَر دِل دُکي ٿِي اَڄ گهٽي توکان سواءِ

ياد تُنهنجي آهِ مُنهنجي زندگيءَ جي هَمسفر
توُن ئي چَئُ ڪيئڏانهن وجان هيءَ دل ڪٽي توکان سواءِ

نيڻَ مُنهنجا اَڄ وَسائِن ٿا مُندي برسات ٿا
جيءَ جهُريَل کي ڳالهه ڪائي نا وَڻي توکان سواءِ

باغُ دل جو ٿيو اُجڙ ۽ ٿي خِزان اَڄ مُندَ بهارَ
ٽار مان سَڀُ گُل پيا پَٽَ تي ڇِڻي توکان سواءِ

ٿي چَوي دُنيا ديِوانوِ حالُ توُن ۾ ڏِسُ اَچي
ڪيئَن سنبران ڪيئَن ڏِيان وارَن ڦَڻي توکان سواءِ

اَکيُن ۾ آهي سَدائين عَڪس تُنهنجي نيِنهَن جو
ڪيرُ ٻِڌبو مُنهنجي مُحبّت جو ڌَڻي توکان سواءِ

نَظَرَ وَحشي آ جهان جي، راهَ تُنهنجي ٿو ڏسان
ڪيئَن پَلا ڪنهنکي ڏِيان دِل جي مَٽي توکان سواءِ

پير پيا ٿَڪجي گَلو بہ سُڪو [illegible]
ايڏو آخر ڏُڪان ڇو مان ٿَر ۾

عڪس عُمر جو ڏِڳهو ٿـَ ٿيندو وِيو
اَڪيون اَٽڪيون اَجان پيِ ڇو دَرَ ۾

غزل

نَغما سِڪَ جا ڳائي ڪيرُ
خود چَربو بہ چوائي ڪيرُ

اُڀِ ۾ ڏِسَڻ هَوا ۾ هَلڻُ
پيرَ زَمِين تي لائي ڪيرُ

هرڪو غفلت ۾ آ لِين
دِل جا درد وَندائي ڪيرُ

ڏاڍِن جو آ هِتِ ڏهڪاءُ
تِن سان هٿ اٽڪائي ڪيرُ

نيڻن ۾ ڦاسن ٿا نيڻ
ڦاٿل پيچَ ڇنائي ڪيرُ

ماڻي سان مان تَہ رُنو هوس
هاڻِ اچي پرچائي ڪيرُ

آيا اُڀري جهوُنا سوُر
مُحبت مَلَم لڳائي ڪيرُ

غزل

ساڻُ تون آهين سفر ۾ مونکي ڪيڏو ٿو وڻي
موج آ دل جي شَهَر ۾ مونکي ڪيڏو ٿو وڻي

نينهَن جي دَرباهَ ۾ ڇوليَن ڪان مان ڇو ڇرڪان
پاڻُ تَہ پُسايان لَهَر ۾ مونکي ڪيڏو ٿو وڻي

دِل وئي، ننڊ پڻ وئي، پاڻُ وِڃائي مون ڇڏيو
جاڳاڻ بہِ رات پَهَر ۾ مونکي ڪيڏو ٿو وڻي

رات ڏِينهن شام صبوح چاهي ڪوئي پَهَرُ هُجي
مان اَجان تُنهنجي اَثَر ۾ مونکي ڪيڏو ٿو وڻي

هِي ڪپي، هوُ پي ڪپي، سيني کي هَر شَئِ ٿي ڪپي
مان تَہ مُحبّت جي ڀَنوَر ۾ مونکي ڪيڏو ٿو وڻي

مُرڪ سان ٻوُٽو آ ٽِڙيو تون جو آئين گُلشن ۾
ٿي پئي ساوَڪَ ڇَبَر ۾ مونکي ڪيڏو ٿو وڻي

غزل

رهيو تو مَنجهِ نَ تابُ ڪَوي
وَٽُ هاٽي توَن جُلابُ ڪَوي

مَس ڪاڳَر بہ مهانگا ٿيا
تو ڇاپايو ڪِتابُ ڪَوي

وقت وڃايو اَجايو ٿئي
ڪانو ٿي ڪَيُءِ خَرابُ ڪَوي

رِشتن جي رودن کي ڇڏي
اوُنچو ڏِسُ کو خوابُ ڪَوي

بِلين وانگر پيو ٿو تَڪين
شايد ڪَپئي ڪَبابُ ڪَوي

اُڳهَڙ جي لاءِ ڪنهنجا آنسو
آڻِ اَکيُن منجهہ آبُ ڪَوي

رَنگ رَسيلا ڀَر شعرن ۾
نظرُن ڇَلڪي شرابُ ڪَوي

لِڪُ اَهڙو چَشمو چاڙهي
جڳت لڳي مَهتابُ ڪَوي

لڪلُ نياپو مَنَ ۾ آهِ
تو تائين پهچائي ڪيرُ

غزل

تون سپني جي آهين پَري
سيگهه نه ڪر مَتان پئين پُري

آهي مَنَ ۾ رَهڻُ نه سُتو
جهاتي پائي ڏِس پيي ڪٽي

نَظرون تَڪيون بي اِنتها
سُهٽي صَنَم جي نه راهه ڏسي

ايذاءَ ايذا چو تا ڏيو
وَيندو ڪو بي موٴت مَري

جيوَن پَجري ٽانڊَن جِيان
نيِنهُن وَساءِ هِڪَ ئي ڦُڙي

جاڳي سِڪَ دِل ۾ صَنَم جي
شَلَ نه مَران مان سِڪي سِڪي

هَر سَزا منظور آ مونکي
لُچيءَ دِل تي لڳاءِ ڪَڙي

غزل

كيئَن وئي مُنهنجي ڪَلَ ٽڙي
نظر وئي جو توسان لَڙي

سارَ ۾ آهين تون پرين
مون ڏانهُن نِهاربِن ڇو نٿي

ٿُنهنجي عيضاوَن تِکن سان
دِل آ ڪيڏي لُڇَ سَٽي

ٿاندا ٿاندا جيوَنُ ٿيو
ٿُنهنجو دَرسُ آ مَلَمُ ٿڌي

اَڄُ سِڪَ ۾ ٿَڪيوُن اَکڙيوُن
بي درد صَنَمَ جو دڳُ ڏِسي

هوشُ تَہ اينِدو بس تَڏَهين
جَڏَهين نينِهَن جي مِلي سُتي

غزل

جھنجھيل وَڻَ جي ڇانوَ مِلي ٻيو نہ ڪُجھ ڪَپي
مُحبت بہِ سَدائين ڦلي ٻيو نہ ڪُجھ ڪَپي

مِينھُن ڪاري رات تکي دَرياھ ڏارَ پيي
~~هِڪڙي مِلي سوا سُهڻيءَ~~ ٻيو نہ ڪُجھ ڪَپي
سَهڻيءَ نَ بس سِواءِ دِلي

چاڻَ تہ مونکي ڪونہ آ لِنوَ ڪيئَن لڳي وَئي
مُونکي مُنهنجو مَنُ پيو چَلي ٻيو نہ ڪُجھ ڪَپي

ڪيئَن وجان ٿو ڇڪجي رُڪي ڪونہ ٿو سَگهان
وِڇڙڻ جي بس شامَ ڍَلي، ٻيو نہ ڪُجھ ڪَپي

پِرجانءِ نيِنھُن تَر بتَر، مُنهنجي اَندَر ۾
ڏسجانءِ نہ وِساهُ هِلي، ٻيو نہ ڪُجھ ڪَپي

ڪَچڙي سِڪَ جي ڏورِ آ، پُختنا بَدَل رهوُن
دِيوانو مَن سدائين تِلي، ٻيو نہ ڪُجھ ڪَپي

غزل

ڏينهُن اَنڌارو راتِ ۾ ڪاري
سُپنا ٿي وبا واري واري

زَخَمَ ڏيئي محبوبن پيِ آ
خوُبُ نيائي دُنياداري

باهه اڳيان ۽ پوبان ڪاهي
جِئڻُ ۾ آهي بَسِ لاچاري

مَنزِل جيِ آ آسَ اَندرَ ۾
اَنڌي گهوڙي تي آ سَواري

ڏُکَ ڏولاوا سڪَ ۾ ڏاڍا
ڪئن وچڙي آهي بيِماري

پيارُ وَفا نالو بُڌَندي ئيِ
ڏَڪُ ٿو لَڳي ڪو جَڻُ ڪاپاري

داءُ هَلئين کهڙي اَنڪَلَ سان
ڪئن پَنهِنجي دِلڙي موُن هاري

ڪَنهنکي ڪنهنکي سانديان دل ۾
زَخمَن ساري جاءِ وِلاري

غزل

دلبرُ نَظَر جو تيرُ ڪمانن تي ٿو ڪَسي
ڪري ڪاهَ آيو هِڪدَم دِل ڪي وِيو دَسي

نَظر ٿِئي عِنايَت جَڏهين محبوُبَ جي
مَهِڪن مَستُ فِضائوُن مِينهُن نيِنهَن جو وَسي

چِئي ڪُڇ سُس پُس ۾ مِنٿڙي ضَربَ ڏَئي
مُرڪ سان ڏِسُ ڪيئَن ويو مونکي مونکان کَسي

عاشقَن مَنَ ۾ آسَ اها ئي آ
نَہ وِڇُڙي وِچَ رَستي ڪو وَڃِين منزل تي رَسي

سَپِن جي حَسرَت آهي، آهي دِل آشنا
پيارُ پَرَ پربِنءَ جو ڪو ڪو ئي ٿو پَسي

ڪَٺُ تَہ پيرُ مَنزِل ڏي ڇالن ڪان پيؤ ڇا جو
هِنا جو رانگ رَچَندو آ پَٿَر تي جَڏهِن گَسي

غزل

مان تنڌهن غم کان پري رَهَندو آهيان
تير نظرن جا جڏهين سهَندو آهيان

تيرَ جهڙي نظر جو دَردُ بہ آهي مِٺو
تَنهِنکي دِل سان لڳائي رَکَندو آهيان

سوُکڙي سِک جي مِلي ہِي نہ تمنّا ڪائي
ڪاڻ ڪنهنجي جِي مَرِي بہ سَگهَندو آهيان

چئن چورائي سُهٽا ڪيئَن ويندين
وات تنهنجي مان جهلي ٻِهندو آهيان

دِل رکي دِل سان سَهيڙِي ڏاڍِي پُختي
مان گهٽو ايذاءَ کان پِي ڏَکَندو آهيان

ڪيئَن ماري سَگهَندو هي جَهان مُونکي
مان مُحبّت ۾ تُنهنجي مَرندو آهيان

جِئَن دِل سان ڪوئي ساري رَبَ کي
نامُ تُنهنجو مان بہ دل سان وَنَندو آهيان

غزل

پاڻُ کيڏو اَجان لِڪائِيندين
گهَٽِيُن دليُن کي هِرکائيندين

سوُنهَن کَنهِن لاءِ خُدا بخشي اَٿئي
آرسي پيو رُڳوِ نِهاربندين

نيِنهَن جو ڇُهاءُ بہِ تاثيِرَ وارو
پاس اِيندين تَڏَهن تہَ ماٽِيندين

آهِن هِن دِل جا طَلبگار گهَٽا
کو کٽي وبندو تہَ پَڇتائيِندين

کيِئَن مِلَندو ڀَلا آرام پِرين
پريم واري جي دِل ڏُکائيِندين

آ لَڳي اُڄَ ڏادي خُشڪ ڳلو
ڪڏهن اَمرت سکَ جو پيئاربندين

نيڻ تِمَندا غَرورُ ۾ ٽُتَندو
پوءِ پيو پيار کي پُڪاربِندين

غزل

مُنهڙو مَٿي وجين ٿو سوُنهين تَہ ڪونہ ٿو
نظرُن سان بہ ڏَنگين ٿو سوُنهين تَہ ڪونہ ٿو

گَڏجين ڪلي سپِن سان، مُنهنجي پير مان ڇو
اَڻڄاڻ ٿي لَنگهين ٿو، سوُنهين تَہ ڪونہ ٿو

مُڪڙي سان تَہ لَڳِين ٿو معصوم توُن گهڻو
شترنجِي چال هَلين ٿو سوُنهين تَہ ڪونہ ٿو

جُريَت سان گهِڙي ڏِسُ سِڪَ جي ساگر ۾
ڇوليُن ڪان ڇِرڪين ٿو سوُنهين تَہ ڪونہ ٿو

راڻا رُسي اَجايو مارِ نَہ موُمل کي
نيِنهَن جي ڏورِ ڇِنين ٿو سوُنهين تَہ ڪونہ ٿو

پيار ڪَرڻُ آ سؤلو پاڙڻ آ ڏُکيو
قؤل ڪَري ڦرِين ٿو سوُنهين تَہ ڪونہ ٿو

موتي ٻَڻيُس تو لاءِ، توُن هَنسُ ڪونہ ٿيئين
ڪَکَ پَنَ پيو چُڳِين ٿو سوُنهين تَہ ڪونہ ٿو

غزل

حال اي دِل توسان ڪَيان تہ سُڪوُن مِلي
بسِ تُنهِنجي يَرِ ۾ وِهان تہ سُڪون مِلي

قَدَم وَڌَڻ سان ئي گهَٽِبو مُفاصلو
مَنُ آ مَنزِل کي ڇُهان تہ سُڪوُن مِلي

آشيانو اَڏيان پيار جو پُختو
ماٽيان کي سُهِٽا لمحا تہ سُڪوُن مِلي

پِرَڪي ٿي چاهَ بہِ ڏِسُ تاندي جِيان
نيِنهَن جي مِينهَن ۾ پُسان تہ سُڪوُن مِلي

نوڙن کي توڙي ٿي آواره هَوا
دَرخَت بڻجي ڇانوَ ڏِيان تہ سُڪوُن مِلي

تَنها تَنها جِئَڻُ تہ بُسو تو لَڳي
پربتءَ ٻانهُن ۾ مَران تہ سُڪوُن مِلي

ڪَنچَن ڪايا پَنهنجي ۾ تي پَوندي
پاڻُ مون ساڻُ جي ڇُهائيندين

ڇَيُئَـ مونکي اسُرَ جي سُپني ۾
ٻانهُن ايندين تون مُسڪُرائيندين

پُرِبن ڇو ؟
جھُرِبن ڇو؟

گھاءُ تي
ڪُرِبن ڇو؟

غمن ۾
ڏُرِبن ڇو؟

ڏَن ڪاڻ
ٿُرِبن ڇو؟

جَڏَن ڪي
ڦُرِبن ڇو؟

جَتَن ڪان
گھُرِبن ڇو؟

قَفَن لاءِ
چُرِبن ڇو؟

غزل

ڏِسِنهُن اَنڌارو راتِ بہ ڪاري
سُپنا ٿي وِيا واري واري

زَخمَ ڏيئي محبوبن پيڻ آ
خوبُ نيائي دُنياداري

باهہ اڳيان ۽ پوبان کاهي
جئڻُ بہ آهي بَس لاچاري

مَنزِل جي آ آسَ اَندرَ ۾
اَنڌي گهوڙي تي آ سَواري

ڏُکَ ڏولاوا عِشقَ ۾ ڏاڍا
ڪئن وچڙِ وئي اِها بيِماري

پيارُ وَفا نالو بُڌَندي ئِي
ڏَڪَ ٿو لَڳِي کو چڙهُ ڪاپاري

داءُ هَلئين ڪهڙي اَنڪَلَ سان
ڪئن پَنهِنجي دِلڙِي مون هاري

ڪَنهنکي ڪنهنکي ساندِيان دِل ۾
زَخمَن ساري جاءِ وِلاري

بخش سائين
سَرل سَياءُ

سِيني ڪاڻ
نينهُن هُگاءُ

رَبُ مِلائي
جيجل ماءُ

سِنڌ جو واءُ
سنڌوءَ واهُ

ـــ

دل ۾ چاھ
مَنَ ۾ ساھ

اُس تکي ۽
ڪوسو واءُ

وقت بہ ڏنگو
آلو گھاءُ

دِل مان سُکو
سِڪَ جو گاھُ

ترِ تي ٽيو
مَنَ ۾ ڏاھُ

سياٽو ڪو
ٿاھي ٿاھُ

سڪَ جي چانوَ
ٿَڌو ڇُھاءُ

—

هَلئُون هَمراهه بڻجي زِندگِي گُلشَن ڪَيئُون پنهنجي
جَتَنُ پُختو ڪَيوُن دِل سان مَنزِل پَسَئُون سِڪَ جي

مِٺي مؤمَل چَئي سَڏِيان توکي يا ڪوئي مَيخانو
مَڌُر مُسڪان اَکِ ڇِنڀَ سان جهوُمائي لَبَ جو پئمانو

آهِين ڀَل دوُر دِلبَر ٿُنهنجي سِڪَ ۾ ئي ڄِڪَ آ
سَگهي ڪيئَن ڪوئي روڪي اَسان تَہ پيتي پريمَ جي پِڪَ آ

جَڏهِن ڪو مَنموهي سَنگتِي بڻِي جيِوَن سَنواري ٿو
تَڏهن مَنَ جي اَنڌيري ۾ اُميدُن جوتِ ٻاري ٿو

مُنڌل راهوُن، گهِٽيوُن، چؤواٽا آهِن پريت جي دَڳَہ ۾
هُبَ عَقيِدَت ئي ڀريو آ نِشچو رَڳَہ رَڳَہ ۾

-

مایاوي سَنسار ۾ قاتَل انسان هاٿي تہ جاڳ
صُحبت سُهڻَن جي ڪري پنهنجو جَڳائج ڀاڳ

مَقصَدُ اونچو رَکُ جيوَن ۾ جيوَن آ اَنمول
جهاتي پائي نِهار اَندر ۾ مُحب کي توُن ڳولهہ

سِمرَن سيوا سِڪَ ئي آهن دؤلَت جيِوَن جي
وِشيَن جي وِجهو وَڃڻ آ چنچلتا مَنَ جي

لِنوَ لَڳائجِ لالڻ سان ٻاجهہَ گهڙي هَر پَل
پريمَ جي پِڪَ پيَڻَ سان مَنڙو ٿئي نِرمَل

اُبَ کي ڇُهڻَ جي آسَ اَجائي تِرشنائُن کي جهَل
ايڏي اُڏامَ نہ پَر پَکيئڙا موٽڻُ ٿئي مُشڪل

ذَهَن کي اُجلو بڻائي اَهڙي راهَہ تي هَلُ
ياد ڪَري دُنيا سَدائين پِي وَٺُ سَچَ جو جَلُ

نِرمَل اَهڙو سُياءُ بڻائي هَستي مِٽيءَ مِلاءِ
پريمَ جو ٻِجُ دَرخَت ٿئي ڇانوَ اَهڙي ڦَهلاءِ

شال پربنءَ جو پيارُ پَسان مان
مُشڪلاتُن کي بِہ دَسيان مان
ٿُنهِنجي پيار جي پوتِي پايان
ٻيو ڀَلا توکي ڪيئَن رِيجهايان
دِلبَر سوچي سوچي دِل جو زَخَمُ ڪُري پيو
جاني جِگر تي وَهائي ڇُري وِيو

گيتَ

ڇا ڪَربان مان اَلا مُنهنجو پريتَمُ رُسي ويو
جاني جِگر تي وَهائي ڇُري ويو

سوچي سمجهي لنوَ نہ لَڳايَم
ڀَربِن نَظَرَ ۾ دلڙي وِڃايَم
وَسُ نہ هلي ڪو پاڻَ تي مُنهنجو
پَل پَل ساربان نالو تُنهنجو
اُڌما تا اُتن مُنهنجو ساهہ سُڪي ويو

سوُرَ دِل جان ڪنهن سان سَليان مان
نيرُ نيڻَن جو ڪيئَن جهَليان مان
پريِت ڪري پَئِي تي پڇتايان
ديِواني دِل کي ڪيئَن سَمجهايان
تي مَران مُحبَ لاءِ، مُنهنجو جيئڙو جهُري پيو

توُن ئي رُسي وِئين ڪيئَن جيئان مان
ڏاربَن کڙو ڏوهُ ڏيان مان
دُنيا لڳي تي خالي خالي
باغُ لُٽي ويو باغ جو مالي
تُنهنجو غم او مِنا اَڄ مُئيءَ کي کُهي ويو

گيت

سينِي ۾ ساندِي رَکِي هُئي اَلائي ڪاڏي وَئي
جَنهِن گهَرَ جِي نَہ چائنُٺ لَنگهِي هُئي اَلائي ڪاڏي وَئي

نِگاهَہ هُن تي پيو هَردَم رَڪان مان
رُڳو پاڳَل پُٽيان پِيو ڏُڪان مان
چال هُنجي هِرٽيءَ ڪان تِکي هُئي
اَلائي ڪڏي وَئي

مُنهِنجي نِنڊَ پِي هَلي وَئي ڦِٽائي
پيچَ ڪَنهن سان اَلائي ٿي لَڙائي
پيارَ جي هُن ڪا زرڙي چَکي هُئي
اَلائي ڪڏي وَئي

ڪيڏن نازن سان پالي هُئي مان
ڪيڏي سِڪَ سان سنڀالي هُئي مان
سوني دِلڙي سِکي مون لَڏي هُئي
اَلائي ڪڏي وَئي

سِياڻَن پِي سَجُ ئي چَيو آ
وَسُ ڪَنهِنجو نَہ هِن تي رهيو آ
دِل تَہ آزاد اُڏندڙ پَکي هُئي
اَلائي ڪاڏي وَئي

گيت

پنهنجو سوچي توُن ڪيڏو رُڳو پنهنجو سوچيندين
وَنديندين پيرَ پَرائي تہ خوشي ماڻيندين

اِنسان اگر توُن آهين ڪَمَ انسانَ جيان ڪَر
حَقَ ڦُري ڪَنهنجا نہ پنهنجا ڪيسا ڀَر
ملندءِ جَسُ نہ ڪوئي جي ڪوُڙ ڪَمائيندين

مات پِتا جي سيوا ۽ وَڏڙن جو سنمانُ
داتا جي ڏِني مان بَندا ڪَرِ ٿورو دانُ
ڪيچَ ڪَٽي مان ٿيندَءِ سَڀُ سُکَ پائيندين

ٻارَن ۽ ٻُڍڙَن جي تَنَ مَنَ سان سيوا ڪَر
بيمارن جي ڏُک سُک ۾ پاڻ ڪي شامِل ڪَر
لوڪُ سُهيلو ٿيندُءِ پَرلوڪ سُڌاربِندين

نِئڙت نيزاري رَکُ ۽ نِرمَل رَکُ سُڀاءُ
مالِڪ هَٿ ڏوري ڏي نہ لَڳندُءِ ڪوسو واءُ
سَچَ جي نيڪ ڪَمائي ليکي لَڳائيندين
وَنديندين پيرَ پَرائي تہ خوشي ماڻيندين
پَنهِنجو سوچي توُن ڪيڏو رُڳو پَنهِنجو سوچيندين

گيت

دُنيا مونکي ديِوانو چئي
پَل دُنيا مونکي مَستانو چَئي
نا اِنصافي مَگر نہ کَري
مونکي پريم جو ئي پَروانو چَئي

پيارَ جي خاطِر جِئَڻ مَرَڻُ آ
يارَ جي خاطر مُنهِنجو جيِئَن آ
سَسُئيءَ جو پُنهوُ، هيرَ جو رانجهو
موُمَل جو مونکي راڻو چَئي

نَس نَس ۾ آ نيِهَن جي ڌارا
ساٿُ تُنهِنجو آ، مِلندا ڪِنارا
سُڌ بُڌ پَنهنجي وِئُس وِڃائي
هَر ڪو مونکي ويڳاڻو چَئي

ڪانگ لنويو اَڄ مُنهِنجي اَڱَڻَ ۾
دير ڪَئي آ ڇو تو اَچڻَ ۾
پَت رَکجان پَکَ اَچجان پربِن
مَتان ڪانگ کي ڪوُڙو زمانو چَئي

گيت

تو جو زُلفُن ۾ گِرفتارُ ڪَيو
مونکي پَنهنجي ڳلي جو هارُ ڪَيو
قُربُ آهڙو ڀُلايان ڪيئَن ڀَلا
مونکي ڪيڏو ٻرين تو پيارُ ڪيو

مُنهِنجي هَر ساهَہ تي تُنهِنجو نالو
دِل ۾ بَند توُن ۽ موُن هَنيو تالو
مُنهِنجي ويران زِندگيءَ کي صَنَم
نيِنَهن جي ميِنهَن آ بَهارُ ڪيو

مُنهِنجي مَنَ جو آهين مَهمانُ سُهٹو
ڀَلي دُنيا ڏِئي ڀَئي ڪو مَهٹو
هاٹي توکان سَواءِ راهَہ نَہ ڪا
مُنهِنجي مَنَ تي تُنهِنجو خُمارُ چَڙهيو

تو سان گَڏجَڻُ تَہ اِتفاق ٿِيو
نيڻَ مِليا جِگَر ٻہ چاڪُ ٿيو
توکي ڪَڏهين ٻيِ نَہ وِسارِبندو
مَنَ مُنهِنجي پَڪو ويچارُ ڪَيو

راھَ اَٽانگيِ وَڪَڙَ گهٽا

ٽُنهنجي اَچڻَ سان اُڀريو آ دِل ۾ لِڪَل هو جيڪو پيار/ آيو ـ
آهين مَسَ هاٽي نَہ وَڃِجاڻ ڪَرڻو آهي توسان اِقرار

ڏِينهَن جُدائيءَ جا سُهِٽا لُڇندي لُڇندي ڪاٽيا مُون
ڦاروُن پارايَم واٽوُن نِهاريَم ڪانگَ بِہ ڪيئي اُڏايا مُون
ٽُنهِنجي اَچڻَ سان اُڀريو..................

ڏِينهُن هُجي يا رات هُجي دِل توکي پَل پَل ساري ٿي
اَڄُ تَہ هَلئُون هَٿ هَٿَ ۾ ڏئي مَنزل پيِي راھَ نِهاري ٿي
ٽُنهنجي اَچڻَ سان اُڀريو..................

سِپَ سَمُندَ ۾ پياسي آ تَرسي ٿي هِڪَ بوُندِ جي لاءِ
بوُند اُها جا موتي بڻي او ڍوليا نيِنهَن جو مِينهُن وَساءِ
ٽُنهِنجي اَچڻَ سان اُڀريو..................

دُنيا آهي ڪاڪ مَحل راھَ اَٽانگي وَڪَڙَ گهَٽا
هوش ۾ رَهِجان واٽ نَہ ڇڏجان، دِل جا مِلندءِ چور گهٽا
ٽُنهِنجي اَچڻَ سان اُڀريو..................

ماڙئي جيئن مارن ڪي پڪاري
مَن مُنهنجو تيئن توکي ساري
رُڳو چوَڻ لاءِ مَن آ مُنهنجو
پل پل ٿو تُنهنجو فسانو چئي

عشق بِنان آهي جيوَن اَهڙو
بنان پاڻيءَ جي مڇليءَ جهڙو
سَنانُ ڪيان بس پريمَ جي رَنگ ۾
مَن پيو سِڪَ جو تَرانو چئي

هردم نيڻهن وَڏي شَلَ
پربم ۾ چپڙا پُسَن
گهري پياسِي اَکڙين جو
توُن مِنڙو خوابُ آهِين
سُهڻا تہ سَوين ڏنا موُن
پَرَ توُن ئي خاص آهِين

جيِوَنَ جي آسَ

كيڏو بہ دوُر وَڃ توُن
هن دِل جي پاس آهين
سُهڻا تہ سوين ڏنا موُن
پَرَ توُن ئي خاص آهين

اَکڙين ۾ آ سَمايَل
اَهڙي تَصوِيرَ اَنوکي
آهِين توُن ئي ذَهَنَ ۾
دِل ۾ سارَ تُنهِنجي
توُن ئي تہ مُحب مِنڙا
جيِوَن جي آسَ آهين

موهي تي مُرڪَ منڙي
گهائي تو سَرَل سُياءُ
اَرمان سُتَل جاڳائي
سِڪَ جو نَرَم ڇُهاءُ
خوابَن جي اُڏامَ جو
اوُنچو آڪاش آهين

پَنهِنجائِپَ جي راهَہ تان
پيرَ ڪَڏهِن نہ هَٽَن

اوُنهي ڪائي

سيگهہ فَنا لِءِ ڪَشِش آ جاري
ڪِلندي سيني ڪَئي آ ياري
اولهہ جوُن آواره هَوائوُن
وَيوُن لَتاڙي تَربِيَت ساري.

فرض ڀُلائي ڌرتي ماءُ جا
موهرا ٿيا سڀ سياسي داوَ جا
تعليمُن جي هولي جلائي
سوُرَ سَهَن پيا ڪوسي واءَ جا.

لاڳاپا سڀ روڳي ٿي پيا
ڏِهاڙي تَنڪا پوڳي ٿي پيا
حَوَس ڇَلي پئي قدم قدم تي
شَرمُ حياءُ بہ جوڳي ٿي پيا

گهَرَ جي آبروُ رستن ۾
چڙهي وئي اوچي نظرن ۾
رشتَن پڻ وبساهُ وِڃايو
ڇِڪَ نہ رهي ڪا قُربَت ۾.

شام سين جي رنگين ٿي وَئي
پَلي سَيِيَتا نَنگي ٿي وَئي

توُن مَنٽرو ڪين مُنجهاءِ

هَرڪو پَنهنجي لاءِ ٿو سوچي
ورلو ٻئي جي لاءِ توُن منٽرو ڪين مُنجهاءِ
سَيني سان سڪَ پريم نيائي
جيوَن سُرهو ناهه، توُن مَنٽرو ڪين مُنجهاءِ

ڪَرمَ ڪَرڻ سان بڻبي آهي
هَٿَ ۾ ڀاڳ لَڪيرَ
سيوا کي بَس ڪَرم بڻائي
پريم سَدائي وَساءِ، توُن مَنٽرو ڪين مُنجهاءِ

اِنسان جي تَہ فطِرَتَ آهي
ٻيَچ ڏُکَ هَڻ وَٽ پئسي لاءِ
حَوَس کي رَکُ قابوءَ ۾ هَميشه
سُک ۾ شانتي پاءِ، توُن مَنٽرو ڪين مُنجهاءِ

مان ۽ مان جي رَٽَ لَڳائي
اُيَ ڏي نِهاري نَہ هَلُ
تَڪبرَ ڇڏِ ۽ توبَهَ ڪَرِ
مالِڪَ دَر سرڙو نِواءِ، توُن مَنٽرو ڪين مُنجهاءِ

ڏاڍو لُچو آ

اَئي اَلا ڪيڏو لُچو آ
اَئي اَلا ڏاڍو لُچو آ
مُنهنجي دِل تي ڪاهہ ڪري ٿو
مونکي اَڪرُبَن مَنجهہ ٻري ٿو
تَڏَهِن بہ مُنهِنجي دِل ٿي چوي
ڏاڍو سُنو آ

خَطُ لِکي ڪوري ڪاڳر وارو
بَيان ڪَري مضمُون ٿو سارو
رازُ هيءُ ڪوئي سَمجهائي
خاموشي ڪيئَن ٿي ڳالهائي
چُپ ئي چُپ ۾ چَڙهيو اَلائي
ڪَهڙو نَشو آ

مُون ڏي نِهاري تہ لِکي وَجان ٿي
جسَاتي پائي اَندَر ۾ ڏِسان ٿي | دِل -
جي ڏَڙڪَن راز ٿي کولي
مُنهنجي عَقل کي رِڻ ۾ ٿي رولي
رَمزُن سان هِنَ چَريءَ دِل
مونکي ڪُـنو آ

چاهي رُڳو نت گود نئين
مُحبت پڻ بِڪمنگي ٿي پئي.

سَچُ ايِمانُ بہِ رَندَڪَ ٿي پيا
عَملدار ننگہ ڏَڙَنگہ ٿي پيا
بند ڪيوَن قانوَن بہ اڪرّبون
مافيہِ مَست مَلنگہ ٿي پيا.

ٿاہا ڪائي سنيلجڻ سؤلو
ڪِري اُٿڻُ ۽ هَلڻُ بہ سؤلو
بربادي‍ءَ جي ڪاهي اوَنهي
ناهي ڏَراتل مِلڻُ ڪو سؤلو.

گيت

تو چورائي آهي دِل او سجني
تو چورائي مُنهنجي دِل
سڪَ سان َتوڪي ڪري ٿي سَڏِڙا
آءُ اَچِي توُن مِل

روُپ تُنهنجو سُهڻو اَهڙو
چَندِ چوڏس جو آهي جهڙو
تُنهنجي ڳِلڙي جو تِرُ ڪارو
ڪري ويو گهايل

مِـٺڙي ياد ۾ مهڪي جيوَن
نَغما پيار جا ڳَائي تو مَن
توُن آهين مقصد جيوَن جو
توُن مُنهنجي منزل

تُنهنجي مست اَدا دِلڪش آ
پاون پيار ۾ ڏادِي ڪَشِش آ
اَچُ سَجايوُن گڏجي توُن مان
پيار جي محفل

تَـڪي نظر جو جامُ تو ڇلڪي
مَنُ مُنهنجو مَستيءَ ۾ مهڪي
اَهڙو چـڪَ جو تير هلائيءَ
جو بَـٽيـو قاتـل

نيِندَ هُن کي ڪونہ ڏِني مون
واٽَ بہِ ڪَڏَهِن ڪونہ ڏِٺي مون
ڪيئَن ٻَلا وِٻو ڏِل ۾ پيهي
ڪيئَن الائي جُٽ ٿي وِٺي | ڪيڏا -
بہِ جَٿَنَ ڪَيان پَر مُنهنجو | ٻجرُ -
تہَ ڦُٽو آ
اَئي اَلا ڪيڏو لُچو آ

گيت

نينڻ وڇايم راهَ ۾ تُنهنجي لاءِ
پاڻُ لُٽائيم چاهَ ۾ تُنهنجي لاءِ
لَڄ لاهي لوڪَ جي
ڦاٿس پريم ڪاهَ ۾
تُنهِنجي لاءِ

تُنهنجي پوتيءَ ڪئي پيرا
مونکي پاڻ ۾ لِڪايو آ
ڪارين ڳھرين اکڙين مَنجهہ
مون پَنهنجو عَڪس نِهاريو آ
مُحِبَ مِنڙا يادون سي سَڀُ
سانديي رکيون تم ساھ ۾
تُنهنجي لاءِ

سَڄُ ئي ڇيو آهي عاشقن پيي
عشق آڳ درياه آ
سونُ ڪَرو تہ سو ڇئبو جَنهِن
جهليو آڳ جو تاءُ آ
پِرڻُ ڪري مُنهِنجو مَنُ تِپَندو
پريم آڳ دَرياھ ۾
تُنهنجي لاءِ

گيت

ڪيڏو بہ دوُر وڃ تون هن دل جي پاس آهين
سُهڻا سَوين ڏٺا موُن پَر تون ئي خاص آهين

اَکڙين مَنجهہ سمايل سُهڻي تصويرَ تُنهنجي
ذهن ۾ خيال تُنهنجو دِل ۾ سارَ تُنهنجي
توُن ئي تہ مُحب مِنڙا جيوَن جي آس آهِين

موهڻي مُرڪ تُنهنجي پريم جو گرنٿ پڙهائي
سَرل سُپاءُ بہ دِل ۾ سُهڻا اَرمانَ جڳائي
سَپنن جي اُڏامَ جو اونچو آڪاش آهين.

پاڳُہ پَلو تو پانيان توُن هَمسفر جو آهِين
ٿَڪُ پَري پَئُہ چا جو توُن سِڪَ جي سيرَ وَهائين
مِنڙي مَست بهارُن جو توُن ئي اِحساس آهِين.

پريم ۾ پاڻُ پُسائي پرِڻ ڪَيوُن اَڄُ پَڪو
پَنهنجائِپ جي پَنَ کي ڪين ٿِيڻ ڏيون ڪَکو
اونداهي اُماس جو توُن ئي اُجاس آهين.

هرڪو هِتان هلندو

ڪَنهنجو آ سنسار هيءُ ڪيرُ هِتي رَهَندو
پيرو اَچڻ تي هِڪدَم هَرڪو هِتان هَلندو

جنم گهڙيءَ کان مالِڪُ مَهرَ مَيا ڪري ٿو
ماتا جي ڇاتيءَ مَنجهِ اَمرتُ ڪيرُ ڀَري ٿو
مالِڪَ جا لَکَ ٿورا لاهي ڪيرُ سَگهَندو
پيرو اَچڻ تي هِڪدَم هَرڪو هِتان هَلندو

ٻالپڻ وڃو راندين ۾ آئي مست جُواني
اَنڌي گهوڙي وانگر ڪاهي وڃي ٿي راڻي
سوگهو جهليو لغام جنهن سو ئي ماڳِ رَسَندو
پيرو اَچڻ تي هِڪدَم هَرڪو هِتان هَلندو

ڇاڻي ٿو اِنسان سَڀُ تَنَڏهِن ٻه ڀَتڪيو مَنُ آ
هر شئِ پنهنجي سمجهي کهڙو پاڳلپن آ
جِسمُ مِٽيءَ جو پُتلو مِٽيءَ ۾ ئي مِلندو
پيرو اَچڻ تي هِڪدَم هَرڪو هِتان هَلندو

سِياڻو هوشُ وِڃائي عُمر سَڄي ٿو ڇوڙي
سامانَ جو ڪَٽُ ناهي حَوَس وِڃان ٿو جوڙي
اَنت سَمي هَٿَ خالي ڪَفَن ديهه تي رَهَندو
پيرو اَچڻ تي هِڪدَم هَرڪو هِتان هَلندو

مونکي سُڌِ ئي ڪونہ پئي
ڏِسئن نَظَرَ نَظَرَ سان لَڙي وئي
مٺان هليو ڪهڙو جادو
ڪئن مُرڪَ لَبَن تي تَرِڙي وئي
هاڻي مُنهنجي دِل تُري پئي
خوش آ توسان ٿاهہَ م
ٿُنهنجي لاءِ

پيار ۽ وِساهُ

واعدا ڪِتابن ۾ گُم ٿي ويا
سُهڻا سَپنا پيِ رُجُ ٿي ويا
دُشمن پيِ اَهڙو حال ڏِسي
خوش نَہ ٿيا سي سڙُ ٿي ويا

تُنهنجي ٻانهُن جي پاڪي پريمَ جي رَسُ پِيئَڻُ
ڏاڍو سُهڻو لڳندو هو جيِوَن کي ٻہِ جِئَڻُ
پَڇي ڇَڏيَئہ ڪنهن ڏوهَ ۾ ڪونئري مَن جي آسَ
پيار ۽ وِساهُ جي ٻَنڌَن چاهيو ڪيئَن کُلڻُ

موڙَ گهڻا ۽ ڏاڍي ڏُکي آهي پِلي ڏَگَر
پيار جو ئي اِمتحان ٿيندو آ اَڪثر
هيِڻو ٻڻجي ڇو پَلا رَستو مَٽي هلين ٿو
پيارَ جي ٻولي پَڙهُ تہ سَهين مُقدس رڪُ جِگَر

لُڙڪ ڏُک ۾ ڳاريان يا مُسڪان تو ناداني‌ءَ تي
دانهن ڪيان وفا لءِ ~~دانهن ڪيان~~ يا خاڪِ مَليان ڪَهاڻي‌ءَ تي
رُئان، ڪِلان پَل دانهَن ڪَيان يا خاڪِ ڪٽي مَليان
محسوس ڪَندين توُن مَنَ جي سوُڙَ پَڪَ پنهنجي پيشاني‌ءَ تي

تُنَل ڏورِ کي ڳَنڍ ٻَڌي جوڙڻُ ناهي بهتر
ٻوجهہُ ٻڻَن جي رِشتا مُنهُن موڙڻُ آهي ٻَهتَر

سَچائي آ دؤلت جوڙڻَ ۾ شانُ آهي
ديا جا ڀاو جو ڏاري سو جڳ ۾ مانُ پائي
قَدَم قَدَم تي سائين سارَ تُنهنجي لَهَندو
پيرو اَچڻَ تي هڪدَم هَرڪو هتان هَلندو

سمرڻَ ساڻُ سيوا ڪَرم مَجين ڪري جو
پيرَ ٻرائي هَرڻ لِءِ اُڪ آلي ڪري جو
سَچَ جي ڪَري ڪَمائي ياد سَدا سو رَهَندو
پيرو اَچڻَ تي هڪدَم هَرڪو هتان هَلندو

پيارَ جو پارسُ

دِل ۾ سِڪَ جا ڏيئا ٻَرَن ٿا
دِلبر دَرس سان نيڻ ٺَرن ٿا
حُسن جا رنگ آهِن گُلزار
ڪيئَن ڪيان هوليءَ اِنتظار
بَس سَنانُ ڪَيان تُنهنجي رنگ ۾
۽ موتَ ٻِ ڏيان ساڳي ڍَنگ ۾
سياڻَن چيو آ سَچُ ڪَمُ پُختو ڪجي تہ وَڻَندو
هوليءَ رنگ تہ هڪَ سِنانَ ۾ لَهَندو
پر پِريم جو رنگ تہ آهي پڪو
ڪيڏا ٻِ جَتَن ڪَر ٿيندو نَہ جهَڪو
دِل کي موهيندو ڏاڍو ٻيو وَڻَندو
جيڏا ڪَر سَنان تيڏو پيو چڙهندو
مان سِياڻَن ڳالهہ ڳَنڍِ ٻَڌي آ
موُجَ ماڻَڻ جي ڪُنجي لَڌي آ
جنهنکي ڪُنجي ڪَپي مونکان وٺي
پنهنجي پريَنءَ جو پيار ڪَٽي
توهانجي دليُن ۾ چو آنڌ مانڌ آ
زِندگي پيار جي سُهڻي راندِ آ
پيارُ ڏِيو ۽ پيارُ پايو
حسد هوڏ کي دوُر ڀڄايو
چو نَفَرت جو لوهُ ڪَٽي ٿا گهُمو
هڪ دفعو پيار جي پارَسَ کي چُمو

نئون آسمانُ ڳولهڻ لءِ پکيءَ جيان اُڏام ڀري
سير ساڻُ وهڻ جو تعلق ٽوڙڻ آ بهتر

جيڪو ٿيو سو سُٺو ٿيو ڀرم ته سيئي ٽُٽا
اوچي ويساهن جا ڏاڍا شرمَ ٻه ڪاڏا گهُٽا
ترشنڪوُ نه ٿيان مان ڪڏهن رهان سدا سطح تي
آچام بِنا اُڏامن جي سي روح ته سيئي رُنا

صوُرَت سيرَت سُهٽي تُنهنجي
سادو سوُدو جيِون
ڀاڳ ڀَلو سائين سَترام جو جِنکي
تو جَهِڙا داسَ مِلن
تُنهنجو پيڳتوُن ٿيون ياد اچڻ

روشن هُئي سنڌ تيجَ سان تُنهنجي
خوش هو هَر هڪ مَنُ
ماڻهو مِروُن ۽ وَڻَ تِڻَ بوُٽا
تهِ لاءِ پيا ڏا رُئن
تُنهنجو پيڳتوُن ٿيون ياد اچڻ

اُتي اَسُرَ جو رام رِبجهائڻ
جڳ ساري کي سيکارڻ
ماڻهو سِڪَ جو سَڏڙو ٻُڌي پيا
رامَ ڌُن ۾ رَمَن
تُنهنجو پيڳتوُن ٿيون ياد اچڻ

ڪَنوَر جوُن پڳتيوُن

پڳتيون تيون ياد اَچن
ڪَنوَر تُنهنجوُن پڳتيون تيون ياد اَچن
تُنهنجوُن چيربوُن تيوُن چم چم ڪن
ڪَنور تُنهنجوُن پڳتيون تيون ياد اَچن

پڳڙي متي تي ڪُنديل ڪنن ۾
جامو پائي نَچڻُ
چير چمڪائڻ جهُمربوُن پائڻ
ڪنهن ڪان پَلا وِسرن
تُنهنجو پڳتوُن تيون ياد اچڻ

ماءُ جي مَمتا جهولِي جهلي گهُري
شانتِ ٻار لاءِ لولي
سُرت تنهنکي ڪيئَن نَہ اَچي
جنهنکي دَيا جا هنڙا چُهن
تُنهنجو پڳتوُن تيون ياد اچڻ

سَچ جي سپري پريم جو پاٽي
قُربَ جا ڪُهَر نَهن
سڪَ جو پربُہ تِن ۾ سُواد اهڙو جو
وَرَ ور ماٺهوُ گهُرَن
تُنهنجو پڳتوُن تيون ياد اچڻ

پَھَڻُ شانت پاڻيءَ ۾
اَلائي ڪيرُ ويو اُڇلائي
طوُفان مَنَ ۾ مچِي ويو
اَچي سَگھارو ڪو سنڀالي
ٺُھنجو تہ سَنگي ٻڙي ڏِسان

رِليءَ ۾ رهي ڏِسان

مَرَڻ کان اڳ ٽورو جي ڏِسان
گهري آکيُن جو جامُ پيِ ڏِسان
سنهڙيءَ سڳَ واري ڏور سان
مان ڏِنگي مَنَ کي ٻَڌي ڏِسان

پُنهو آهيان مان پريِنءَ جو
سُهڻي آهي مُنهنجي محفل
منزِي سارَ سَجَڻ جي
ٻڻي آهي مُنهنجي منزل
جنهنجي رِليءَ ۾ رهي ڏِسان

دِگهي حياتي کهڙي کَمَ جي
پيار جو پَلُ پَلُ سُهڻو
مَهڪائي مُحبت سَجَڻ جي
پوءِ کَهڙو کنهن سان مَهڻو
ظاهر ظهوُر ڳالهہ چئي ڏِسان

جاڳي سُمهي، سُمهي جاڳي
کهڙو عجب ٽيو اَلائي
رَس پربوُن کنهنجوُن باتيوُن
مَنُ مُنهنجو ٽو گُنگُنائي
تِن کي تہ دِوَ کري پيِ ڏِسان

کيڏي حَسين لَڳي ٿي دُنيا
حَسرَت دِل ۾ ٿي جاڳي
آهي پُختو پَڪو اَسانکي
ڪچڙي سِڪَ جي ڌاڳي

پيارا پربِن..................

پيارا پريِن

پيارا پربن ڳالھہ ٻڌ
سُھٽا سري وبجھو اَچُ
پيارَ جو متو آ مَچ
سڪَ جو آ تو ۾ سَچُ
اَچي موُن سان گڏ نَچُ
توُن.... توُن.... توُن....

وِسري وَجَن ٿا غمَ دُنيا جا
پيار جي هن محفل ۾
سُپت سُپنا جاڳن ٿا ۽
مَچي ٿيِ هلچل دِل ۾

دوُر نَہ رهجان دِل کان دِلبر
جانِ آهين توُن مُنهنجي
مَن مَندر ۾ آهي وِهاري
موهڻي موُرَتَ تُنهنجي

پريم خزانو آهي رَبَ جو
پِئُ ڇا جو پوءِ جَڳَ کان
مَنزل پيِ نيٺ ايِندي اوري
سائُ توسان آنءُ ڇهڪان

جَڳ مؤمل جو ڪاڪ محل، راڻو بڻي پير اندر ڏَر
سُهڻو سارو سَنسار آ، ٻانهوُن وَڏائي ياڪي يَرِ

اُس نہ آهي ڏاڍي تِکي، پياس پيي ساڻو ٿي ڪري
پيرُ ڪوسيہ واريءَ مَٿان، هلڻ ڪان ٿو جانو يَري
مُشڪل راهوُن لَتاڙي جو، سو ماڻي ٿو منزل دَرِ

نِراشا ڪي نِرمل مَنَ ۾، جاءِ ڪڏهين ڀيي نہ ڏجي
عڪس ڏِسن لعساني اکيون، عينڪ اهڙي ساڻ رکجي
"هِمّت مَردان مَدَد خدا" چوڻيءَ ۾ ويساهہ نہ ڏَر

اوُٺايوُن سَڀُ اُجلائي، ڪَرم جو ناهِ قافلو
سِڪَ سَچائيءَ جو سَدا، هَلندو رهي سُنو سِلسِلو
سوُرمَن جو ئي رَهَندو آ، جَڳَ ۾ سَدائين ناءُ اَمَر

مَڌُر وَهنوار وارو بڻي، سَيني سان نِياءِ ناتو
اَمرت بوُند مَنَ ۾ يَري، ويڙهي رَڪُ ويرن ڪاتو
"سادو جيِوَن اوُنچو ويچار، ڳالهہ اِها يَر ذهن اَندر

گرمي، سَردي، مينهن ساڻُ، مؤسم آهي بَهار جي
جهوُمڻ جي لاءِ ساوَڻ ۾، سارَ آ سُهڻي يار جي
دُکہ سُکہ گهڻا جيِوَن جا، ساڻُ رَهندا شام_و_سَحر

سَيبيتا سنڌوُ گهاٽيءَ جي ڪيئن وِسرِينداسين
ٻالڪ وارِث سنڌ جا آهيوُن توڙ نڀائينداسين
او جيجل.........

سِنڌوُ آهي ماءُ جي تَجُ سنڌڙي مُنهنجي ماءُ
مُنهنجي مُلڪ مَلير جي مِٽيءَ ۾ ٻـ هُڳاءُ
او جيجل.........

وقت جي سنگين سِتم کان ڪونہ ڏڪنداسين
ڪَرم ۾ وِشواس اَسانجو منزل پَسنداسي
او جيجل.........

پَڪَ ملندو آنچل اَمڙ جو وري اُسرَندو ڀاڳ
جيجل ماءُ جي گود ۾ مِٽبو نڌڙڪي جو داڳ
او جيجل.........

ٿيِندي سَٽائي ڪَنجي وبندي غم جي اَنڌيري رات
جوتِ جڳندي جهوُلڻ جي ايندي نئين پربات
او جيجل.........

صَنمُ سان رَهَڻَ جي آسَ ڏاري
پاڀوهہ مان پرڀن پُڪاريان ٿو
مِنڙو مُسڪرائڻ موهي مونکي
نِت سِڪَ جي رِلي مان پايان ٿو

آهن سُهڻا نَظارا پيِ ڦهليَل گهڻا
پَر دل ۾ ڪڏهن ڪونہ آهن وَسِيا
سَڀُ سَهَندو رَهيَس مان ويچارو ٻڻي
ڪهڙا قاتل نظر تيِر مَن تي ڪَسِيا
سُتي مِني پيار جي سَدائين مِلي
بَس وائڙو ٿي واتَ نِهاريان ٿو

ڪهڙي دادِ مست اَدائن کي ڏِيان
مَنُ موهي ڇڏڻ واري هيِر ٿي لڳين
حسرتن سان نِهاريئہ لِئاڦا پائي
وَفا جي تہ سُهڻي تصوير ٿي لڳين
پَل ديِوانو ڇوَن پيا ماڻهو مونکي
مان پيِ پيار ۾ پاڻُ پَسايان ٿو

مُنهنجي زندگي پيِ ٻڻي بيگاني
ٿي پاڻُ وِساري سارَ تُنهنجي لَهي
ڪَهڙا حيلا هَلايان هاڻي مان پَلا
اَچي دوڙي مُنجهيل مَنَ ۾ ڪو رَهي
مِرگہ تِرشنا ٿِئي نہ حَسين زندگي
اَهڙن خوابن کان ئي گهبرايان ٿو

-

مُنهنجي زندگي آ خزانو غمن جو
لُيائي نٿو اَڄ نظارو چَمن جو

چَون ٿا سيئي آهي ايشور جهان ۾
مَگر مُنهنجوُن آهوُن اُڏيوُن ڇو هَوا ۾|چا -
اِيشور ڪيو بند دَرُ آ ڪَنَن جو

چَوان ڪنهنکي پنهنجو پَرائي شَهَر ۾
مِلي ڪينِ پنهنجو ٿو پنهنجي ئي گهر ۾
وِيو پيارُ ڪيڏانهن اَلائي دليُن جو

روئي تڙپي دِل ٿي اُڏما اُٿن ٿا
مَگر ڪينِ اَکڙيُن مان آنسو ڪِرن ٿا
وِيو آ سُڪي نيرُ مُنهنجي نيڻن جو

جيئڻ آهي مشڪل اُجهامي ويو مَن آ
ڪَهڙي بيوسيِ آ مَرڻُ پيي ڪَنَن آ
ڪوئي ڏِئي ڏَسُ سئين دگهہ هَلَڻ جو

واپار، سياست، نوڪري، پيشو
اُبتو نانءُ ڪو تِن لءِ ڳولهيو
شيوا شبدڪوش مان هٽي وئي
ڊاڪٽرن پڻ مريضن کي روليو
صديوُن لڳن اِنصاف ملڻ ۾
وڪيلن جَجن کي فُرصت ناهي

نئين ٿَهيءَ جي تڪن تيرن سان
لَڏ پَلاڻ نئَرت جي ٿي آ
پَريَل واسنا تِرشنا مَن ۾
نِر تِر وَڏَڙَن پَڳ لٿي آ
ڪڏي وجي اِنسان ڪنهن سان
گڏجي يارَ سان هاٿي ڪو يار مِلائي

تيز ڌار ۾ قاتل ڪشتي
ءِ هَٿَ ۾ پَتوار بہ ناهي
ڪائي پَئي ٿي لوڏا ڳَهِرا
يَئُ وينو آ قَرڻُ ڦهلائي
لاهي وٺ جهٽ پڳ غروُر جي
اوچيوُن عوقاتوُن اُڇلائي

روشني اَلائي لِڪي ڪِٿي آ
اوُندهہ ويني آ پَلٽي ماري
وِويڪ کي آهي ڪَپٽن رَهِنديو
نِراشا پيي ٿي شوُڪي نِهاري
ٻوڏ ڦهري طوُفان اَچڻ جو
امڪان پيو ٿو دِل ڏَهلائي

ڦهري هَوائُون هلن ٽيون ڏاڍيُون
ڪيئن پلان کو پاڻ بچائي
ٻِهرو لٽو پائي پاڻُ لِڪائي
لاچار اِنسان ٿو هَٿَ هارائي

جِسماني بُک لاهِڻ لءِ پيو
ٿيي دَربوُن در دِلڙيوُن رَنجائي
سيني رِشتن کي ٿو لَتاڙي
اِنسانِيَت تي داغ لڳائي
عيش عياشيءَ ۾ آ غافل
وحشي دئتن کي نَہ جيئڻ جُڳائي

اِيمان وِڪڻو مُنهن کي لِڪائي
بي ايمان پنهنجو پاڻُ پَڌائي
شرم حياءُ وڪڻي رستن تي
ٿي اُگهاڙو پيو شعوُر پائي
لاڳاپا سَڀُ پيا پکڙجي
زَر جي چاهَت جَڳ کي رُلائي

پڙهيو لکيو تہ گهڻو آ اِنسان
پوءِ پَلا چو جَت تي پيو آ
عِزت مانَ سان جيِئڻ وِساري
ذِلَت جي کاهيءَ ۾ ڪِربو آ
ڪِن سَجڻن بل هلي پئي دُنيا
باقي تہ پاڳ بہ ڏِري پيو آهي

هِردي جو سُک چئن اَرپن ٿا جيڪي
ڪَيوُن شڪريہ مَنَ سان سؤ بار تِن کي
ماتا پِتا جان گھورِن ٻارن لاءِ
رَکن پريم پاوَن ماٽِن دِليُن جي راهت

پنهنجي دِل جو ٽُڪُر اَسانکي ڏِيَن ٿا
نِياڻيءَ جي دِل ساڻُ جھولي ڀَرِن ٿا
آهي سونُ جيِون سِڪَ ساڻ گھرڄي
ڏن ڏُءِ نَہ رکجي نِدوري ڪا چاهَت

ڏيتي ليتي

اُٿو نؤجوانو ڪيو اَڄ بغاوت
ڪيا ڏاڍا ڏائڻ دليُن ۾ تفاوَتَ
سڪَ پريم جي ڏور ۾ ٻَڌجي پُختا
ڪيو ڏيتي ليتيءَ جي گڏجي خلافت

آهيوُن شير پُختا اِرادا اَسانجا
لايا سَجايا ٻـِ ٽيندا سَپِن جا
مَحنَتَ جي ڪَمائي آ جَس واري ڏاڍي
ڪوُڙي ڪَمائيءَ ۾ آهي ذلالت

سَدا ياد رَهنديوُن سِياڻَن جوُن ڳالهيون
رِ ڍوُن نَہ ٽين ٽيوُن سيئي مُنهَن ڪاريوُن
ڪَرايوُن چو پنهنجي رِڍُن ۾ شُماري
اَسانکي تَہ ڪرڻي آ حق جي حِفاضت

ڏُڪائي دِليُن کي ڪي ناٽو گهُرن ٿا
مُحبَت جي چاتيءَ تي مُگَہ سي ڏَرن ٿا
ڳاري ڪنهنکي ڳٽتيُن ۾ موجوُن مَنائڻ
ڀَلا آهي ڪهڙي جَهان جي شَرافَت

سِڪَ پريم جي گڏجي وَل ڪا لڳايوُن
دُرلڀ جيوَن کي تَہ رنگين بڻايوُن
سُرڳ ڏَرا ڏانهن خوشيءَ سان وَرَندو
اِنسانيَت جي سمجهوُن گر سُهٽي نَزاڪت

هيڏانهن هوڏانهن ڏُکي
ٽڪجي، تڙڦي، ساڻي ٿي
ڪِري پوي ٿي
پَرَ
پاڻي آهي ڪٿي؟
يا
دَرياهَ جي طوُفان ۾ قاتل
ڇيتن جي ڪچي ٻيڙي
جنهن پنهنجو پاڻ
ڪري ڇڏيو آهي
طوُفان حوالي.

زندگي

زندگيءَ جي پيچرن تي
ڪئي ورهيہ
هلڻ بعد بہ
پيچرا
اَجنبي ئي رهيا
پڻ
پيچيدا ٿيندا ويا
اڄ بہ زندگي
هِڪَ نہ سُلجهڻ واري
پرولي پيئي لڳي
هِڪُ سُوال
گهڙيءَ گهڙيءَ
ذهن تي تَري ٿو اَچي
ءُ مان
پاڻَ کان ئي پُڇان ٿو
زندگي ڇا آهي؟
ڇا
ريگستان جي نِنڍڙ اُس ۾
پاڻي ڳولهيندڙ پياسي هِرڻي
جيڪا
واريءَ کي پاڻي ڄاڻي

وِشوَ شانتي

اِنسان کي
فِڪرُ آهي
وِشوَ شانتيءَ لاءِ
جنهنجو
ثبوُتُ آهي
نيوُٽران بَم
سچ پچ هِڪَ ڏِينهُن
ڪَنهن
سِرڦِري اِنسان جي
دِماغ جو فِطور
وِشوَ کي
شانتِ ڪري ڇڏيندو.

ديش پريم

مُنهنجي ديش جي
عَوام جو
ديش لاءِ پريم
قابلِ تعريف آهي
پيار ۽ لڙائيءَ ۾
سڀ ڪجهہ
جائز ٿيِندو آهي
انهيءَ ڳالهہ کي
ڌيان ۾ رکي
اڳوان ۽ عَوام
ديش پريم نڀائڻ ۾
مشغوُل آهن.

آسمان جي
اوُنچائيِ ڇُهڻ لاءِ
گهٽن ڪُلهن جي
ضروُرت تہ پَوَندي آهي نہ !

زندگيءَ جي ريس

زندگيءَ جي ريس ۾
سيني کان اڳيان رهڻ لاءِ
شڪني
مُنهنجو آدرش آهي
ننڊپڻ ۾
اِيتي ڏَکَر راند ۾
هارائڻ جي امڪانَ تي
گڏ ۾ پيشاب ڪري
راند ئي بند ڪرائيندو هوس
جتي پُڄي نہ سَگهندو هوس
اُتي سامهون واري جي
ٽنگ ڇڪيِندو هوس
تڏهن تہ
زندگيءَ جي
ريس ۾ آهيان
پُراڻا ساٿي
پُٺيان رهيا
نَئِين راهہ ۾
نَوان گڏيا
اڳتي وَڌڻ
ءِ

وبچارو عَقل
ءُ
بيوس اَکيوُن
دل جي ڏادِ مُڙسي
ڏينهون ڏِينهُن
وَئي وَڌَندي
ءُ ، غروُر سَبب
هُوءَ
ڳاٺُ مٿي ڪري
هلڻ لڳي
سندس ڳاٺُ
ويو مٿي ڪڇندو
ءُ هوءَ هاٿي
اُيَ ڏي نِهاري
هَلَڻ لڳِي
اِئين تہ ٽِيڏو ئي هو
ٿابو ڪائي
پنهنجو ڳات تہ پڳائين
موُنکي بہ پَجي وِڌائين

ڏاڍ مُڙسي

مُنهنجي دل
تڏهن
ڏاڍ مُڙسي
ڪري بيٺي هُئي
هوءَ
ڪنهنجو بہ
ڪُجھ بہ
ٻُڌڻ لاءِ
تيار ڪونہ هئي
هُن
مُنهنجي عقل جي واتَ تي
تالو لڳائي ڇڏيو هو
۽
مُنهنجوُن اَکيوُن پڻ ڪَڏي
پنهنجي شرير تي
لڳائي ڇڏيون هيون
پوءِ
اهو ئي پئي
سوچي ۽ ڏِسي
جيڪو
کيس پَسَند هو

لڳي پئي آهي
اَرٿ شاستر ۾ چَيَلُ آهي
"سَستو رُئي وار وار
مَهانگو رُئي هِڪ وار"
سَرڪار جي
خواهش
۽ خاص ڪم آهي
آباديءَ
تي ضابطو رکي
ناٽي جوڙڻ جا
نِرالا طريقا ڏَسڻ
جو ڳهندو
سو جِئندو
عام ماڻهو
سمجهي سگهي
تہ سُٺو
جيَ نہ ڳهندو
تہ پيو اُپواس رَکَندو
نيٺ موڪش پائي
مالِڪَ سان مِلندو.

مالڪ سان ملندو

عَوام
عَجب آهي
بي وَجهَ
پئي رُئندي
رَڙيُون ڪندي
ڏوهہ ڏِيندي
سَرڪار کي
مَهانگائيءَ جو
مَڪان، دُڪان
لَٽو، ڪَپڙو
اَناج، ڀاڄي
کنڊ، کير
کائڻ ، پِئڻ
دُشوار ڪَرڻ جو
پَر
عَوام جو رڙيُون ڪَرڻ
رُئڻ اَجايو آهي
سَرڪار
سَندن غم
خلاص
ڪرڻ جي ڪوشش ۾

سَطحي رِشتا

ماڻهوُ
مسّاڻن ۾
مُردي جي
واتَ ڏِسي رهيا هُئا
اَرٿيءَ پُٺيان
پندَ هلڻ
کائيءَ کي
کندو ڏيڻ
۽
رام نام سنگ هئہ
چَوڻ جي
رسمن کان بچڻ لاءِ
هوُ
موٽرن، اِسڪوُٽرن سان
مَساڻن ۾ پَهُتا هُئا
کائي
اَجان مساڻ ۾
نہ پَهُتي هُئي
انکري
کي ماڻهوُ واپار
کي دفتر
کي سياسَت تي
چَرچا کري رهيا هُئا

بَڙ جو وڻ

مان
بَڙ جو وڻ آهيان
تارين ۽ پـَنَن سان جهنجهيل
اونچو، سائو
بَڙ جو وڻ
اَچو
مُنهنجي ٿڌي ڇانوَ ۾
ساهي پـَٽـيو
تاريُـن کي پـَڪـڙي
جهوُلا جهوُليو
مُـنهـنجا احسان مڃيو
مُـنهـنجا گـُڻ ڳايو
خبردار!
مُـنهـنجي هيٺان
يا
پَر ۾
ٻيو ڪو ٻوُٽـو
نـَ لڳائجو
مان ٻيو ڪنهنکي
اُسرڻ نـَ ڏِيندو آهيان
مان
بَڙ جو وڻ آهيان.

نہ ماڻھن جا حشام
نہ وقت جي بربادي
ڪائي
مَساڻن جي
ويجھو اچي وبئي ھئي
ڪائيءَ پُنيان
ٿورا ماڻھو
شايد
ويجھا عزيز
ماڻھو
ھاڻي شانت ھُئا
ضروري ڪرياڪرم بعد
مُردي کي
اگنيءَ اَرپِت ڪندي ئي
ماڻھو
ھٿ مُنھُن ڌوئي
پنھنجن گھرن ڏانھن
رَوانا ٿيڻ لَڳا
ان وقت
مَساڻن پرسان
ھڪ ڪانءُ
بجليءَ جي تار تي
اچي ويٺو
ءُ

وَڏيڪ قابل
سَماجڪ
ربتي رِواجن تي
ٺٺوليوُن ڪري رهيا هُئا
ماڻهن جي گپشپ
موٽرن اسڪوٽرن جي قطار
جلسي جو
احساس ڏيئي رهي هئي
ماڻهن کي
عملي (ونهوارڪ) ٽيڻ گهرجي
هڪ چيو
آخر
هيءُ آڏمبر ڇو؟
هڪ ڪائيءَ پُنيان
سوين ماڻهو
پنهنجو قيمتي وقت
برباد ڪري رهيا آهن
صحيح ڳالهه آ
ٻئي وراڻيو
سرڪاري گاڏيءَ ۾
مُردي کي رکي
چار ڪانڌي ٻه ٽه
ڪرياڪرم
ڪري سگهن ٿا

سازش

رات جو
ٽڪل
ساٿي شرير ڪي
سَتِيان ٿو
هَنڌَ ۾
اِنهيءَ آس ۾
تہ ننڊ پَربندي
پنهنجي ڀاڪُر ۾
وِسري ويندا
ڪُجھ پَلَن لاءِ
دُنيا جا
ڏُک درد
پر هيءُ ڇا؟
هنڌَ ۾
سُمهَڻَ سان
ڪِرڻي آيو سِجُ
اُس جي تَپِش
۽ روشنيءَ سان
ڦِٽي وَئي ننڊ
ڪونہ ڏيو آرام
صُبح جو
زندگيءَ جي
ڳولها ۾

ڪرنٽ لڳڻ سان
زمين تي ڪري
مَري ويو
ٿوري دير ۾
اَنيڪ ڪانوَ اچي
پنهنجي ساٿيءَ
جي مؤت تي
ورلاپ ڪرڻ لڳا
ماڻهو
پنهنجن گهرن ڏانهن
رَوانا ٿي چُڪا هُئا
ڪانوَن جا ورلاپ
وَڃن پيا وَڌَندا
آخر
انسان
انسان آهن
قابل
سمجهدار
وقت جا قدردان
۽
ڪانوَ؟

مان
پنهنجوُن ٻانهون
مَٿي ڪري
رڙيوُن ٿو ڪيان
بچايو..... بچايو!
پر
مُنهنجوُن رَڙيوُن
ڳولهي ڪونہ سگهيوُن
اِنساني ڪَنَن کي
دوُر
ٻَهاڙن سان ٽَڪرائي
موٽي اچي
مِليوُن مونکي
سَمائجي ويون
مُنهنجي
ڪَنَن ۾.

نڪري آيس
گھر مان
پر ھيءُ ڇا؟
ڇانئجي ويو
سياه اَنڌيرو
سَمائڻ لڳو
مَنَ اَندر
گُم ٿي وئي راھ
رات ۽ ڏينهن جي
ھن سازش
مونکي
گِهلي گِهلي
اُڇلايو آھي
بِنا نمبر نالي واري
چؤواٽي تي
جنهنجي
ڪَھڙي واٽَ
ڪٿي پھُچندي
خَبَر ناهي
وقت جي واڳھوءَ
مُنهنجي
ڪمزور قدمن کي
واٽَ ۾ جهلي
قابوُ ڪيو آھي

سندس هٿ پڪڙي.
گھر وٺي آيس
هُن
راحت محسوس ڪئي
مون ڏانهن
پيار واري
نِگاهُن سان نِهاريو
اَسان
پريم جي آغوش ۾
ٻَڌجي پياسين
ڏاڍو خوش ٿياسين
ڪيس آٿت
هُئو تہ
سندس ياد ڪي
ڪن پنهنجن
سانڍي رکيو آ
مان سندس هٿن کي
چُمي ڏيئي
صِحت جي
سنڀال ڪرڻ لاءِ چَيو
پاڻ بہ مُنهنجو نرڙ چُمي
ويندي ويندي
چَڏي ويئي
مٺڙي مِٺڙي سارَ

سُجاڳَ

هوءَ ڪمزور قدمن سان
رستي جي ڪِناري
ڌِيري ڌِيري
اُداس
اَڪيلي پئي وئي
ماٺن ڪيس
نہ سُجاتو
نَہ ڪِيڪاريو
پَنهنجن ئي ڪيس
ڌِڪي
ڪَڍي ڇَڏيو هو
پَر هوءَ
مُنهنجو
پَهربون پيار آهي
هوش سنڀالڻ تي
اَمڙ ئي تہ
سُجاڳَ ڪَرائي هئي
بس
تَنهن ڏِينهَن کان ئي
مِٽيءَ سان
مُحبت آهي
مان

وبچاري
هڪ پل آرام لاءِ پئي ترسي
مون کان
سندس ڏک
سَنو نہ ٿيو
پَرسان وَجي
ڪيس
گهر هلڻ لاءِ
عرض ڪَيُم
هوءَ
مايوس، مجبور
ءُ
خُشڪ نِگاهُن سان
مون ڏانهن
نِهارڻ لڳي
اَکين ۾
سَمايل دردُ
رَتَ جو آنسو بڻجي
ٽري آيو
پنهنجو گهر
پنهنجا ماڻهو
ڳولهيندي ڳولهيندي
اکين کان
وِسري ويو هو ڇنيڻ

ٻَرَ اهو سڀ
ماڻهن کي
منظور نہ هو
هوُ مونکي
چربو چَوَڻ لڳا
طعنا هڻڻ لڳا
هُنجو جيئڻ بہ
مُشڪل ڪَيائوُن
ڪُجهہ ڏينهن بعد
کيس
بستيءَ کان ٻاهر
وائڙن وانگر
گهُمندو ڏسي
رَڙ نکري ويئي
مَنجهَند جو وقت
نِنهَڙ اُس
هوءَ
پيري اُگهاڙي
چانوَ ڳولهيِندي
هِڪَ کان ٻئي
ٻِئي کان ٽِئين
وَڻَ ڏانهن پئي ويئي
ٻرِاهو جا ٽي رهيو آهي
سيني وَڻن جا پَنَ ڇڻي رهيا آهن

ڦَهر تي ويندو
ڊاڪٽر
خفا ٿي پڇي ٿو
هوءَ ٿنهنجي ڪيرَ آهي
ڇا رِشتو آ ٿنهنجو هِن سان
۽ ٻڌ! هاڻي هِنکي
دَوا جي نہ
دُئا جي ضرورت آهي
ڳالهہ وَس کان
ٻاهر ٿي چُڪي آهي
هاڻي
کيس گهر وٺي وڃو
اسپتال جي مُلازمن
کيس پلنگہ تان لاهي
ٻاهر
فرش تي سُمهاري ڇڏيو
ڀَريو ڀريو گهر هو
پريم ۾ ترِءِ هو
پوءِ
هيءُ ڇا ٿي ويو
کهڙو
ڏِنگو واءُ آهي
جو پنهنجا ئي پَراوا ٿي پيا
اَڌ ساٿو ٿي

چڙ
ٻڏجي پيوُن هيوُن
پٽڙ
ٻُڪ، اُڃ، پيڙا
ڪيس
ٻڌائي ڇڏيو نربل
هڪدم
لڙڪڙائي
ڪري پيئي
مُنهنجي ٻانهُن ۾
هاڻي
اسپتال جي
Intensive Care Unit
۾ ڪوما ۾ آهي
مان
پَريشان
لِڪائي نٿو سگهان
دِل جي هلچل
وينتي ٿو ڪَيان
هَٿ ٿو جوڙيان
ڊاڪٽر صاحب
هِنجي جانِ بَچايو
مَهرباني ڪيو
نَہ تہَ

رُڳو تون

ڪهڙا لفظ ڳولهيان
ڪهڙا ڇَندَ مڙهيان
وِلوڙَ ڪيان ويچارن جي
يا
مَنَ جو چوَڻُ مَڃان
ڏين ننتا مطلب معنيٰ
تو مُقابل
پوءِ ٻَلا ڪيئن
ڪنهنڪي چوُنديان
پري تائين
وڃن ٿيوُن نِگاهوُن
ڏِسيوُن ٿِينديوُن
وَڃڻ ٿيوُن راهوُن
خاموشي
تنڌهن وئي ٻڌائي
اَنيڪ ڪويتائوُن
جن ۾ صرف
توُن آهِين
بس توُن
رُڳو توُن

وبهي رهيس
مان پيي
سندس پير ۾
ڇا ڪيان
ڪيڏي وَڃان
ڪوئي همدرد ڪونهي
ڪوئي ساٿي ڪونهي
مُنهنجو نِرڙ پيي
شرمسار ٿيي
لڪو وڃي گوڏن ۾
اَفسوس
ڊاڪٽر ٻـ اهو ٿو پُڇي
هوءَ تُنهنجي ڪير آ ؟
ڇا رشتو آ تُنهنجو هُن سان ؟
مان ڪيس ڇا ٻُڌايان
هوءَ مُنهنجي مادري ٻولي آهي
هوءَ مُنهنجي زبان آهي
مُنهنجي سُڃاڻپ آهي
بس پلئہ پائي
نهاريان ٿو اُپ ڏانهن
ڪيان ٿو نيظاريوُن
گهُران ٿو دُعائوُن
پَنهنجي سُڃاڻپ جي خاطر
زَبان جي خاطر

چوراسيءَ جو چَڪرُ اَٽانگو جهوري جڳ جي جان
ڦاسي پَوي ٿو ڦَٿڪي ڦَٿڪي اُلجهن ۾ اِنسان
تِرشنائن کي جهَل قابوءَ ۾ سَبرُ آ سُک جي ڇانوَ
ڏُک سُک ڳَهِٽا جيِوَن جا ٿِيَن اَهڙو مِلي جَهانُ

****

چڪر چوراسيءَ جو

2_1	ڄمڻ - مَرڻ		44_43	سِنگهڻ - سُرڪَڻُ
4_3	ڄِئڻُ - لُڇڻ		46_45	ڇُمَڻُ - اُڇلَڻُ
6_5	ڪِلڻُ - رُئڻ		48_47	ڄُڙڻُ - ڀڄڻُ
8_7	جاڳڻُ - سُمهَڻُ		50_49	گهُمڻ - ڦِرڻُ
10_9	ڪائِڻُ - پِيَڻُ		52_51	سُڌرڻُ - ڪَرڻُ
12_11	هَلَڻُ - چَلَڻُ		54_53	ڪَتَڻُ - هارڻُ
14_13	اُٿڻُ - وِهڻُ		56_55	جهَٽَڻُ - اُڇِلَڻُ
16_15	سِڪَڻُ - ٻُلجَڻُ		58_57	نِيائِڻُ - مِٺائِڻُ
18_17	پَرچَڻُ - رُسَڻُ		60_59	رِيجهائِڻُ - سَتائِڻُ
20_19	ڳِيهَڻُ - ڪَڍَڻُ		62_61	ڳَنڍِجَڻُ - ڦِٽجَڻُ
22_21	مُرڪَڻُ - ڏُرڪَڻُ		64_63	وَڌَڻُ - ڪُٽڻُ
24_23	پائڻُ - وِڃائِڻُ		66_65	ٺَرڻُ - ٻَرڻُ
26_25	سَنئِلَڻُ - تِرڪَڻُ		68_67	اُٺَڻُ - ڪِرڻُ
28_27	ماٽڻُ - پوڳڻُ		70_69	گهوُرَڻُ - گهائِڻُ
30_29	ڪائِڻُ - اُڪلَڻُ		72_71	مِلَڻُ - وِڇڙَڻُ
32_31	اُسِرَڻُ - جهُرَڻُ		74_73	سُلجهَڻُ - اُلجهَڻُ
34_33	ٺَهَڻُ - ڊَهَڻُ		76_75	سَنئِلَڻُ - تِرڪَڻُ
36_35	ڏِيَڻُ - وَٺَڻُ		78_77	مَچَڻُ - نَٺائِڻُ
38_37	تَرَڻُ - ٻُڏَڻُ		80_79	سَمجهَڻُ - مُنجهَڻُ
40_39	ڪَٽَڻُ - ڇِڏَڻُ		82_81	اَچَڻُ - وَڃَڻُ
42_41	ڳَٽڻُ - وَندَڻُ		84_83	ڪَرڻُ - ڀَرڻُ



- ڪي. ٽي. دادلاڻي

سِندڙي

منڙي سِندڙيءَ جو مان ٻالڪ
جيجل هنج وِهان
ساھ سان سانديان پيار اَمڙ جو
نِت نِت چَرڻ چُمان
نس نس ۾ آ نينهُن مِٽيءَ جو
سُواس ٻہ تَنهنجا ڪٽان
لڪ ٽورا ڪين لاهي سَگهان
پَل سؤ سؤ جنم وٺان

Shri Shraddha Offset : 98267 20777